SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريه 1984

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1984

سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

2. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance XVII of 1979

3. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance XVII of 1979

4. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of Section 15 of Sindh Ordinance XVII of 1979

5. 1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعه 15_A جي ترميم

Amendment of Section 15_A of Sindh Ordinance XVII of 1979

سنڌ آرڊيننس نمبر IV مجريہ 1984

SINDH ORDINANCE NO.IV OF 1984

سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 1984

THE SINDH RENTED PREMISES (AMENDMENT) ORDINANCE, 1984

[30 جولاءِ 1984]

آرڊيننس جنهن ذريعي سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪئي ويندي.

تمهيد (Preamble)

جيئن تہ شرعي عدالت سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ڪجھ ترميمون ڪرڻ جي هدايت ڪئي آهي؛

۽ جيئن تہ سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا آرڊيننس، 1979 ۾ ترميم ڪرڻ ضروري ٿي پئي آهي، جيڪا هن ريت هوندي؛

هاڻي تنهن ڪري، پنجين جولاءِ 1977 جي اعلان ۽ پرووِيزنل ڪانسٽيٽيوشن آرڊر، 1981 جي روشني ۾ سنڌ جي گورنر هينيون آرڊيننس جوڙي نافذ ڪرڻ فرمايو آهي.

مختصر عنوان ۽ شروعات

1. (1) هن آرڊيننس کي سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا (ترميم) آرڊيننس، 1984 سڏيو ويندو.

Short title and

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

commencement

2. سنڌ پاڙي تي ڏنل احاطا آردينننس، 1979 ۾، جنهن کي هن کانپوءِ به ڄاڻايل آردينننس چيو ويندو، ان جي دفعه 3 ۾، ذيلي دفعه (1) جي شرطيه بيان کي ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آردينننس XVII جي دفعه 3 جي ترميم

Amendment of Section 3 of Sindh Ordinance XVII of 1979

3. ڄاڻايل آردينننس ۾، دفعه 6 کي شرطيه بيان سان گڏ ختم ڪيو ويندو.

1979 جي سنڌ آردينننس XVII جي دفعه 6 جي ترميم

Amendment of Section 6 of Sindh Ordinance XVII of 1979

4. ڄاڻايل آردينننس جي دفعه 15 ۾:

(i) ذيلي دفعه (2) ۾، شق (i) کي ختم ڪيو ويندو.

(ii) ذيلي دفعه (3) کانپوءِ، هيٺيون نئون ذيلي دفعه شامل ڪيو ويندو:

1979 جي سنڌ آردينننس XVII جي دفعه 15 جي ترميم

Amendment of Section 15 of Sindh Ordinance

"(4) جتي زميندار کا جڳهه جوڙائي ۽ انهيءَ پراٽيءَ جڳهه منجهان هاريءَ کي اثاريو ويو آهي، جڳهه جي جڙجڙ کان اڳ ۾ ڪنهن ٻئي ماڻهوءَ ان تي قبضو ڪيو آهي، ته ڪليڪٽر کي

درخواست ڏني ويندي، تہ جيئن هن کي نئين جاءِ ۾ قبضو ڏنو وڃي، جيڪو پراٽيءَ جاءِ جي قبضي کان وڏو نہ هوندو ۽ جنهن تي اهو قابض هيو. ڪنٽرولر انهيءَ ايراضيءَ بابت آرڊر پاس ڪندو، جيڪا پهرين ايراضيءَ کان گهٽ هوندي، پر اهو ڏيان ۾ رکندو تہ نئين جاءِ جي نموني ۽ واقع هجڻ واري هنڌ ۽ هاريءَ جي ضرورتن کي ڏيان ۾ رکندو ۽ جيڪڏهن هو چاهي تہ انهيءَ جو پاڙو بہ مقرر ڪري سگهي ٿو، جيڪو ساڳئي هنڌ واري ڪنهن جاءِ جو هوندو.".

XVII of 1979

5. جاڻايل آرڊيننس ۾، دفعہ 15_A لاءِ هيٺين ريت متبادل ٻڌايو ويندو:

1979 جي سنڌ آرڊيننس XVII جي دفعہ 15_A جي ترميم

Amendment of Section 15_A of Sindh Ordinance XVII of 1979

"15_A. جتي زميندار، جنهن دفعہ 14 تحت هڪ عمارت جو قبضو حاصل ڪيو آهي يا دفعہ 15 جي شق (vii) موجب احاطي جو، اڳوڻي هاري کانسواءِ ڪنهن ٻئي شخص کي عمارت يا احاطو ڏئي ٿو يا اهڙي قبضي کي ذاتي استعمال کانسواءِ ٻئي استعمال ۾ رکي ٿو:

(i)هي ڏنڊ جي لائق هوندو جيڪو احاطي واري عمارت جي هڪ سال جي پاڙي کان وڌيڪ نہ هوندو، جيئن معاملو هجي، جيڪو قبضو حاصل ڪرڻ وقت واجب الادا هوندو.

(ii)هاري جنهن کي اٿاريو ويو هجي، اهو عمارت جو قبضو واپس ڏيڻ جي هدايت جاري ڪرڻ لاءِ ڪنٽرولر کي لکي سگهي ٿو، جيئن معاملو هجي، ۽ ڪنٽرولر ان سلسلي ۾ حڪم جاري ڪندو.

نوٽ:ـ آرڊيننس جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.